।। اوم شري پَرِماتِمَني نَمَھَ ।।

اَٿ اِشٽمو ڌيايَھَ

ستين اڌياءَ جي پڇاڙيءَ ۾ يوگيشور شري ڪرشن چيو تہ پڙيہ ڪرم (نِيَتِ ڪرم، آراڌنا) کي ڪرڻ وارا يوگي سمپورڻ پاپن کان ڇٽي اُن وياپت برهم کي ڄاڻن ٿا معنيٰ ڪرم کا اهڙي وستو آهي، جا وياپت برهم جي ڄاڻ ڏياري ٿي. ان ڪرم کي ڪرڻ وارا تہ برهم کي، سمپورڻ ڪرم کي، سمپورڻ اڌياتم کي، سمپورڻ اڌيدَئيوَ، اڌي ڀوت ۽ اڌييگيہ سهت مونکي ڄاڻن ٿا. ۽ ڪرم کا اهڙي وستو آهي، جا انهن سڀني سان واقفيت ڪرائي ٿي. هو انت ڪال ۾ بہ مونکي ئي ڄاڻن ٿا. اُنهن جي ڄاڻ ڪڏهن وسمرت نٿي ٿئي، وسري نٿي.

ان تي ارجن هن اڌياءَ جي شروعات ۾ ئي اُنهن شبدن، اکرن کي ڏُهرائيندي سوال رکيو.

अर्जुन उवाच

किं तद्ब्रह्म किमध्यात्मं किं कर्म पुरुषोत्तम।
अधिभूतं च किं प्रोक्तमधिदैवं किमुच्यते।।१।।

ارجُن اُواچ

”ڪِمِ تَدِبرَهَمَ ڪِمڌياتِمَمِ ڪِمِ ڪَرِمَ پُرشوتَمَ
اَڌيڀوتَمِ چہَ ڪِمِ پِروڪتَمَڌيدَئيوَمِ ڪِمُچِيتي (١)

هي پرشوتم! هيءُ برهم ڇا آهي؟ اڌياتم ڇا آهي؟ ڪرم ڇا آهي؟ اڌيڀوُت ۽ اڌيدَئيوَ ڪنهنکي چيو وَڃي ٿو؟

अधियज्ञः कथं कोऽत्र देहेऽस्मिन्मधुसूदन।
प्रयाणकाले च कथं जेयोऽसि नियतात्मभिः।।२।।

”اڌيَيَگيہَ ڪٿَمِ ڪوتِرَ ديهيسِمَنِمڌُوسُوُدَنَ
پِرِياڻڪالي چَہ ڪَٿَمِ گِيييوسي نِيَتاتمَڀِيهہ (٢)

هي مڌوسوڌن! هتي اڌيگيہ ڪير آهي ۽ اُهو هن شرير ۾ ڪيئن آهي؟ سِڌِ آهي تہ اَڌِيَگَيہَ يگيہ جو ڀڳوان هلائيندڙ ڪو اهڙو پرش آهي، جو منش شرير جي آڌار وارو آهي. سمايل چت وارن پرشن دواران انت سمي ۾ توهين ڪهڙي طرح ڄاڻڻ ۾ ايندا آهيو؟ انهن ستن سوالن جو نمبروار نرنيہ ڏيڻ لاءِ يوگيشور شري ڪرشن چيو:

श्रीभगवानुवाच

अक्षरं ब्रह्म परमं स्वभावोऽध्यात्ममुच्यते।
भूतभावोद्भवकरो विसर्गः कर्मसञ्ज्ञितः।।३।।

شري ڀڳوان اُواچ

”اڪِشَرَمِ بِرَهمَ پَرَمَمِ سِوَڀاووڌِياتِمَمُچيَتي
ڀوُتڀا ووڊِڀَوَڪرو وِسرِگَهہ ڪَرِمَسَنِگيَتَهہ (٣)

پربرهم آهي. ”سِوَڀاوهہ اَڌِياتِمَمِ اُچيَتي“ پاڻ ۾ اسٿر ڀاوُ ئي اَڌِياتِمِ ارٿات آتما جو آڌيپتيہ (اعليٰ حڪومت) آهي. هن کان پهرين سڀ مايا جي آڌيپتيہ (مايا جي حڪومت) ۾ رهندا هئا؛ پر جڏهن تسِوَ ڀاوَ معنيٰ سوروپ جي اسٿر ڀاوَ (پاڻ ۾ اسٿر ڀاوُ) ملي وڃي ٿو تہ آتما جو ئي آڌيپَتِيہ هن ۾ پرواهت ٿي ٿو وڃي. اهوئي اڌِياتم آهي، اَڌياتم جي حد درجي جي ورڌي آهي. ”ڀوُتَڀاوِدِڀَوَڪَرَهہ.“ ڀوتن جا اُهي ڀاوَ ڪجهہ نہ ڪجهہ اُدِڀَوَ ڪندو آهي مطلب تہ پراڻين جا اُهي سنڪلپ ڀلا يا بُرا سنسڪارن جي رٿيل رچنا ڪندا آهن اُنهن جو وسرگہ معنيٰ وِسَرَجن اُنهن جو مٽجي وڃڻ ئي ڪرم جي حد آهي. اهوئي سمپورڻ ڪرم آهي، جنهن جي لاءِ يوگيشور چيو هو، ”

هو سمپورڻ ڪرم ڪي جاڻي ٿو“. اُتي ڪرم پورڻ آهي، اڳيان ضرورت ڪونهي (نِيَتَ ڪَرمِ) ان اوسٿا ۾ ڀوتن جا اُهي ڀاوَ جي ڪجهه نه ڪجهه رچيندا آهن، ڀلا يا بُرا سنسڪار ڪنا ڪندا آهن، بڻائيندا آهن. اُهي جڏهن سڀ شانت ٿي وڃن اهائي ڪرم جي سمپورڻتا آهي. ان ڪان اڳي ڪرم ڪرڻ جي ضرورت نٿي رهي. هاڻي ڪرم ڪا اهڙي وستو آهي، جا ڀوتن جي سيني سنڪلپن ڪي، جن سان ڪجهه نه ڪجهه سنسڪار بڻجن ٿا اُنهنجو شمن ڪري ٿي ڇڏي. ڪرم جو ارٿ آهي (آراڌنا) چنتن جو يگيه ۾ آهي.

अधिभूतं क्षरो भाव: पुरुषश्चाधिदैवतम्।
अधियज्ञोऽहमेवात्र देहे देहभृतां वर।।४।।

”اَڌيڀوُتَمِ ڪشرو ڀاوَهه پُرُشَچاڌيدَئيوَتَمِ
اَڌيِيگيو هميواتِرَ ديهي ديهڀِرتامِ وَرَ (۴)

جيستائين اڪشيه ڀاوُ نٿو ملي، تيستائين نشٽ ٿيڻ وارا ڪشِرَ ڀاوَ اَڌيڀوت معنيٰ ڀوتن جو آڌار آهن. انهن ڀوتن جي اُتپتيءَ سبب آهن. ”پُرُشَهه چه اَڌيدَئِوَتَمِ“ پرڪرتيءَ کان پري جو پرم پرش آهي. اهوئي اَڌيدَئيوَ ارٿات سمپورڻ ديون (دَئوي سمپد) جو آڌار آهي. دَئِوي سَمپد ان پرم ديو ۾ لِين ٿي وڃي ٿي. ديههڌارين ۾ سريشٽ ارجن! هن منش تن ۾ مان ئي ”اَڌيگيه“ آهيان مطلب ته يگين جو ڀڳوان آهيان هاڻي اُن شرير ۾ اويڪت سوروپ ۾ استٿ مهاپرش ئي اَڌييگيه آهي. شري ڪرشن هڪ يوگي هو، جو سمپورڻ يگين جو ڀوڳتا آهي، انت ۾ يگيه اُن ۾ پرويش پائين ٿا. اُهوئي پرم سوروپ ملي وڃي ٿو. ان طرح ارجن جي ڇهن سوالن جو سماڌان ٿيو. هاڻي پڇاڙيءَ جو سوال ته، انت ڪال ۾ ڪيئن توهين جاڻڻ

۾ اچو ٿا، جو ڪڏهن وسمرت نٿو ٿئي.

अन्तकाले च मामेव स्मरन्मुक्त्वा कलेवरम्।
यः प्रयाति स मद्भावं याति नास्त्यत्र संशयः।।५।।

”اَنِتَڪالي چہَ ماميوَ سِمرَنمُڪتِوا ڪليوَرَمِ
يَهہ پرياتي سَ مَدِڀاوَ ياتي ناسِتيَتِرَ سنشيهہ (۵)

يوگيشور شري ڪرشن چون ٿا تہ جو پرش انتڪال ۾ مطلب تہ من جي نروڌ ۽ وليہ جي وقت ۾ منهنجو ئي سمرڻ ڪندي شرير جي سنبنڌ کي ڇڏي الڳہ ٿي وڃي ٿو، هو ”مَدِڀاوَمِ“ ساکيات منهنجي سوروپ کي پراپت ٿئي ٿو، ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي.

شرير جو مرتيو شڌ انت ڪال ڪونهي. مرڻ کان پوءِ بہ شريرن جو سلسلو پنيان لڳو رهي ٿو. ڳڏ ٿيل سنسڪارن جي سطح جي مٿجي وڃڻ سان گڏ ئي من جو نروڌ ٿي وڃي ٿو ۽ اَهو من ئي جڏهن وِلين ٿي وڃي ٿو تہ اُتيئي انت ڪال آهي، جنهن کانپوءِ شرير نٿو ڌارڻ ڪرڻو پوي.اهو ڪرياتمڪ آهي. فقط چوڻ سان، وارتا جو سلسلو سمجهہ ۾ نٿو اچي جيستائين شريرن جو انت ڪٿي ٿيو؟ من جي نروڌ ۽ روڪيل من جي وِلَيہ ڪال ۾ جيئري شرير جي سنبنڌن جو وڇوڙو ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن مرڻ کانپوءِ هي اسٿتي ملي ٿي تہ شري ڪرشن بہ پورڻ نہ هجي ها. اُنهن چيو تہ انيڪ جنمن جي اڀياس سان پراپتي وارو گياني ساکيات منهنجو سوروپ آهي. مان اُهو آهيان ۽ هو مون ۾ آهي. ذري ماتر بہ هن ۾ ۽ مون ۾ فرق ڪونهي، هيءَ جيئري ئي پراپتي آهي. جڏهن وري ڪڏهن شرير نہ ملي، اهوئي شريرن جو انت آهي. هيءَ تہ حقيقي شرير جي انت جو چترڻ ٿيو، جو ماڻهن ۾ پرچلت آهي، مشهور آهي، پر هن شرير جي انت کانپوءِ وري جنم وٺڻو پوي ٿو:-

यं यं वापि स्मरन्भावं त्यजत्यन्ते कलेवरम्।
तं तमेवैति कौन्येत सदा तद्भावभावित:।।६।।

”يَمِ يَمِ واپي سِمِرَنڀاوَمِ تِيَجِتِيَنتي ڪليوَرَمِ
تَمِ تَميوَئيتي ڪؤنتييَہ سَدا تَدِڀاوَ ڀاوِتَھہ (٦)

ڪؤنتييَہ ! مرتيوءَ جي وقت منش جنھن بہ ڀاوَ کي ياد ڪندي شرير تياڳي ٿو، اُن کي ئي پراپت ٿئي ٿو. تڏھن تہ ڏاڍو سَسِتو سؤدو آھي. سڃي جيون موَج ڪن، مرڻ لڳون تہ ڀڳوان جو سمرڻ ڪري وننداسين. پر شري ڪرشن چون ٿا ائين ٿيندو ڪونھي. ” سدا تَدِڀاوَ ڀاووِتَھہ“ ان ئي ڀاوَ جو چنتن ڪري ٿو سگھي، جيئن جيون ڀر ڪيو آھي. اُھيئي ويچار زبردستيءَ اچي ٿا وڃن ، جن جو سڃي جيون ابياس ڪيو ويو آھي، ٻيءَ طرح نٿو ٿي سگھي.

तस्मात्सर्वेषु कालेषु मामनुस्मर युध्य च।
मय्यर्पितमनोबुद्धिर्मामेवैष्यस्यसंशयम् ।।७।।

”تَسِماتِسَرِويشوُ لوڪيشوُ مامَنُسِمِرَ يُڌِيہَ چَہ
مَيِيَرِ پِتَمَنو بُڌِيرِماميوَئيِشِيَسِيَسَنِشَيَمِ (٧)

تنھنڪري ارجن! تون ھر وقت منھنجو سمرڻ ڪَرِ ۽ يڌ ڪر. مون ۾ ارپڻ ڪيل من ۽ بُڌيءَ سان ڀرپور ٿي تون بنا شڪ مونکي ئي پراپت ٿيندين. سدائين چنتن ۽ يُڌ ٻئي گڏ ڪيئن ممڪن آھن؟ ٿي سگھي ٿو لڳاتار چنتن ۽ يڌ جو اھوئي سوروپ ھجي تہ ”جئہ ڪنعيالال جي“ جَئہ ڀڳوان جي چوندا رھون ۽ ٻاڻ ھلائيندا رھون. ليڪن سمرڻ جو سوروپ اڳئين سلوڪ ۾ صاف ڪندي يوگيشور ڪرشن چون ٿا:-

अभ्यासयोगयुक्तेन चेतसा नान्यगामिना।
परमं पुरुष. दिव्यं याति पार्थानुचिन्तयन्।।८।।

”اَڀِياسيويو گيُڪِتينَ چيتَسا نانِيَگامِنا

پَرَمَمِ پُرُشَمِ دِوِيَمِ ياتي پارٿانوُچِنِتَيَنِ ’’ (٨)

هي پارٿ! اُن سمرڻ لاءِ يوگ جي اڀياس سان يڪت ٿيل (منهنجو چنتن ۽ يوگ جو اڀياس ضروري آهي) مون کانسواءِ ٻئي پاسي نه وڃڻ واري چت سان نرنتر چنتن ڪرڻ وارو پرم پرڪاش سوروپ، ديوتا سروپ پرش مطلب ته اُهو پرماتما کي پراپت ٿئي ٿو. سمجهو ڪٿي ته هيءَ پينسل ڀڳوان آهي، ته ان کانسواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي ياد نه اچڻ گهرجي. هن جي اوسي پاسي ۾ توهان کي ڪتاب ڏسڻ ۾ اچي ٿو يا ٻيو ڪجهه ، ته توهانجو سمرڻ کنڊت ٿي ويو. سمرڻ جيستائين ايترو سوکيم آهي ته اشٽ پرماتما کان سواءِ ٻيءَ شيءِ جو سمرڻ به نه هجي. من ۾ لهرون به نه اُٿن، ته سمرڻ ۽ يڏ ٻئي هڪ وقت ڪيئن ٿينديون؟ حقيقت ۾ جڏهن توهين چت کي سيني طرفن کان سميٽي پنهنجي هڪ آراڌيه جي سمرن ۾ پرورت ٿيندا، ته اُن وقت مايا جون پرورتيون ڪام ڪروڌ، راڳ دويش رڪاوٽ جي سامهون پرگهٽ ئي آهن. توهين سمرن ڪندا؛ پر هو توهانجي اندر ۾ چنتا ۽ بي آرامي پيدا ڪنديون، توهانجو من سمرن کان چلائمان ڪرڻ چاهينديون. انهن ٻاهرين پريورتن جو پار پائڻ ئي يڏ آهي. لڳاتار سمرڻ سان ئي يڏ سنڀوَ (ممڪن) آهي. گيتا جو هڪ به شلوڪ ٻاهرين مار ڪُٽ جو ساٿ نٿو ڏئي. چنتن ڪنهنجو ڪريون؟ ان تي چون ٿا:

कविं पुराणमनुशासितारमणोरणीयांसमनुस्मरेद्यः।
सर्वस्य धातारमचिन्त्यरूपमादित्यवर्णं तमसः परस्तात्।।९।।

’’ڪَوِمِ پُراڻمنوُ شاسِتارمڻورڻيِيامِ سَمَنُسمَريديهه
سَروَسيهَ ڌاتارَمچِنِتيَه روپَمادِتيَوَرڻَمِ تَمَسَهه پَرَستات ’’ (٩)

اُن يڏ سان گڏ اُهو پرش سَروِگيه، انادي، سيني کي هلائيندڙ

سوکيم ڪان بہ وڌيڪ سوکيم، سيني جو پالڻ پوشڻ ڪرڻ وارو پر اچنتيہ (جيستائين چت ۾ چت جي لهر آهي. تيستائين هو ڏيکاري نٿو ڏئي. چت جي نروڌ ۾ ولين وقت ۾ ئي ظاهر ٿئي ٿو) نتيہ پرڪاش سوروپ ۾ اوديا کان پري اُن پرماتما جو سمرن ڪندو آهي، هتي چون ٿا پرماتما جو، تنهن ڪري اُن پرماتما جي چنتن (ڌيان) جو ماڌيم تَتوِ اسٿت مهاپرش آهي ان باري ۾

प्रयाणकाले मनसाचलेन
भक्त्या युक्तो योगबलेन चैव।
भ्रुवोर्मध्ये प्राणमावेश सम्यक्
स तं परं पुरुषमुपैति दिव्यम्॥१०॥

پِرَياڻڪالي مَنساچَلين
ڀَڪتِيا يُڪتو يوگبلينَ چَئيوَ ۔
ڀِرُوورِمَڌِيي پراڻماويش سَمِيَڪ
سَ تَمِ پَرَمِ پُرُشمُپَئيتِ دِويَمِ ۔۔ (١٠)

جيڪو هميشه اُن پرماتما جو سمرڻ ڪري ٿو، اُهو ڀڳتي يُڪت پُرش ”پِرَياڻڪالي“ من جي ولين اوسٿا ڪال ۾ يوگہ بل سان ارٿات نِيَت (مقرر) ڪرم جي آچرڻ دواران پِرڪِتيءَ جي وچ ۾ پراڻ کي چڱيءَ طرح ٿانئيڪو ڪري (پراڻ-اپان کي چڱيءَ طرح سَمَ، نہ اندر مان چنتا ۾ بي آرامي پيدا ٿئي نہ ٻاهريون ڪو سنڪلپ وٺڻ وارو هجي، سَت، رَجو-تَمَ چڱي طرح شانت هجن سُرت اِسٿت ۾ ئي اسٿت هجي، ان وقت ۾) هو اچل من مطلب تہ استر بُڌيءَ وارو پرش اُن ديوتا سروپ پرش پرماتما کي پراپت ٿئي ٿو،سدائين ياد آهي تہ اُن پرماتما جي پراپتي جو وڌان (پوُرتي) يوگہ آهي. ان جي لاءِ مقرر ڪِريا

جو آچرڻ ئي يوڳ ڪِريا آهي، جنهنجو وستار سان ورنن يوڳ يشور چوٿين ڇهين اڌياءَ ۾ ڪيو آهي. هاڻي اُنهن چيو، ”لڳاتار منهنجو ئي سمرن ڪَر.“ ڪيئن ڪيون؟ تہ انهي يوڳ ڌارڻا ۾ استر رهي ڪرڻو آهي. اهڙو ڪرڻ وارو ديوتا. سوروپ پرش کي ئي پراپت ٿئي ٿو، جو ڪڏهن وسمرت نٿو ٿئي. هتي هن سوال جو سماڌان ٿيو تہ پرياڻ ڪال ۾ ڪهڙي طرح ڄاڻڻ ۾ اچو ٿا؟ پائڻ يوگيہ پَدَ جو چترڻ ڏسو، جو گيتا ۾ جڳهہ جڳهہ تي آيو آهي.

यदक्षरं वेदविदो वदन्ति
विशन्ति यद्यतयो वीतरागाः।
यदिच्छन्तो ब्रह्मचर्यं चरन्ति
तत्ते पदं सङ्ग्रहेण प्रवक्ष्ये।।११।।

”يَدَ کِشرَمِ ويدَوِدو وَدَنِتي
وِشَنِتي يَدِيَتَيو وِيترا گاھ ا
يَدِڇڇِنتو بِرَهمَچرِيَمِ چَرَنِتي
تَتي پَدَمِ سَنگِرَهيڻ پِرَوکِشيي اا (اا)

”ويد وِدِ“ ارٿات نہ ڄاتل تَتوَ کي ظاهر ڄاڻڻ وارا لوڪ جنهن پرم پد کي ”اَکشرمِ“ اکشيہ چون ٿا؛ ويت راڳہ مهاتما جنهن ۾ پرويش جي لاءِ اُتاولا رهن ٿا، جنهن پرم پد کي چاهڻ وارا برهمچريہ جو پالن ڪن ٿا (برهچريہ برهمچاري“ ٻاهرين اندرين کي من سان تياڳڻ، برهم جو لڳاتار چنتن سمرن ئي برهمچريہ آهي، جيڪو برهم جو درشن ڪرائي اُن ۾ استان ڏياري پائي شانت ٿي ويندو. هن آچرڻ سان اندرين جو سنجم ئي نہ، بلڪ سيني اندرين جو سنجم پاڻيهي ٿي ويندو آهي. ان طرح جو برهمچريہ جو آچرڻ ڪن ٿا) جو هردي

۾ گڏ ڪرڻ يوگيہ آهي، ڌارڻ ڪرڻ يوگيہ آهي اُن پد کي مان تنهنجي لاءِ چوندس اهو پد آهي ڇا؟ ڪيئن پاتو وڃي ٿو؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشن چون

सर्वद्वाराणि संयम्य मनो हृदि निरुध्य च।
मूर्ध्न्याधायात्मनः प्राणमास्थितो योगधारणम्।।१२।।

”سَروَدُوارا ڻي سَنيَميہَ مَنو هِردِ نِروڌيہَ چَہ
مُوڌنيارڌاياتِمَنَهہ پراڻماسِٿِتو يوگڌارَڻام ِ“ (١٢)

سڀني اندرين جي دروازن کي روڪي ارٿات واسنائن کان الڳ رهي، من کي هرديہ ۾ اسٿت ڪري (ڌيان هردي ۾ رکيو ويندو آهي ڌريو ويندو آهي، ٻاهر نہ. پوڄا ٻاهر نہ ٿيندي آهي) پراڻ ارٿات انتڪرڻ جي واپار کي مٿي ۾ نروڌ ڪر، يوگہ ڌارڻا ۾ اسٿت ٿي (يوگہ کي ڌارڻ ڪري رهڻو آهي، ٻيو طريقو نہ آهي) ان طرح اسٿت ٿي.

ओमित्येकाक्षरं ब्रह्म व्याहरन्मामनुस्मरन्।
यः प्रयाति त्यजन्देहं स याति परमां गतिम्।।१३।।

”اومِتيي ڪاڪيشَرَم بِرَهَمَ وِياهَرَنِمامنُسِمِرَنِ
يَهہ پِرياتي تِيَجَنِديهَم سَ ياتي پرمام گَتِم (١٣)

جيڪو پرش ”اوم اِتي“ اوم ايترو ئي، جو واقفيت ڏيندڙ آهي. هنجو جپ ۽ منهنجو سمرڻ ڪندي شرير تياڳي وڃي ٿو، اُهو پرش پرم گت کي پراپت ٿئي ٿو. شري ڪرشن هي يوگيشور، پرم تَتوَ ۾ اسٿت مهاپرش، ستگرو هو. يوگيشور شري ڪرشن ٻڌايو تہ اوم اڪر اڪشيہ برهم جو پتو ڏيڻ وارو آهي، اسان کي واقف ڪرڻ وارو آهي. تون اُنجو جپ ڪر ۽ ڌيان منهنجو ڪر. پراپتي واري هر مهاپرش جو نالو اُهو ئي هوندو آهي جنهن کي هو پراپت ڪندو آهي، جنهن سان هو ملي هڪ

ٿيل آهي تنهن ڪري نام اوم ٻڌايائين ۽ روپ پنهنجو يوگ يشور ”ڪرشڻ -ڪرشڻ“ جپڻ جو حڪم ڪونہ ڏنو. وقت گذرڻ کان پوءِ ڀاوُڪ پرشن هنجو بہ نالو جپڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي شرڌا جي انوسار اُنجو ڦل بہ پائين ٿا، جيئن تہ منش جي شرڌا جتي ٽِڪي وڃي ٿي اُتي مان ئي اُنجي شرڌا کي پشٽ ڪريان، معنيٰ مظبوط ڪريان ٿو ۽ مان ڦل ڏيڻ جو وڌان بہ ڪريان، بندوبست بہ ڪريان ٿو.

ڀڳوان شِوَ ”رام “ شبد جپڻ تي زور ڏنو. رمنتي يوگيَنو يسِمِنِ سَ رامَهہ“. ”را اؤر مَ کي بيچ ۾ ڪبيرا رها لڪايہ“ را ۽ مَ انهن ٻن اکرن جي اندر وچ ۾ ڪبير پنهنجي من کي روڪڻ ۾ پربينِ ٿي ويو.

شري ڪرشن اوم تي زور ڏين ٿا. او اهَمِ سَ اومِ، اها شڪتي منهنجي اندر ۾ آهي، ڪٿي ٻاهر نہ ڳولين. هيءَ اوم بہ ان پرم ستا (شڪتي) جي ڄاڻ ڏيئي شانت ٿي وڃي ٿو. سچ تہ ان پريوءَ جا انيڪ نالا آهن، پر جپ لاءِ اهو ئي نالو سارٿڪ آهي جو ننڍو هجي، سواس ۾ ڍَلجي وڃي ۽ هڪ پرماتما جو ئي گيان ڪرائيندو هجي. ان کان الڳ گهڙيئي ديوي-ديوتائن جي اوويڪ پورڻ ڪلپنا ۾ منجهي منزل تان درشٽي نہ هٽائي ڇڏيو

پوجيہ مهاراج جِي چوندا هئا- منهنجو روپ ڏسو ۽ شرڌا انوسار ڪو بہ ٻن اڍائي اکرن جو نالو ”اوم“ رَامَ، شِوَ مان ڪوئي هڪ ڪٽو. اُنجو چنتن ڪريو ۽ اُنجي ارٿ سوروپ اِشٽ جي سروپ جو ڌيان ڪيو. ڌيان ستگروءَ جو ئي ڪيو ويندو آهي. توهين رام، ڪرشڻ يا ”ويتراگہ وِشيمِ واچِتَمِ“ ويت راگہ مهاتمائن ۽ ”يٿا ڀِمَتَڌِيانادِوا“ (پتنجلي يوگہ ۳۹ - ۳۷ - ۱)

ايميت منعيٰ يوڳ جي شان، انوُڪوُل ڪنهن جو بہ سوروپ پڪڙي، اُهي اَنُيَوَ ۾ توهان کي ملندا ۽ توهانجو سهيوڳ ڪنهن ستگرو جي طرف وڌائي ڇڏيندا، جن جي مارڳ درشن سان توهين آهستي آهستي پرڪرتي جي ڪيتر کان پار ٿيندا ويندا. مان بہ شروع ۾ هڪ ديوتا (ڪرشن جو وراٽ روپ) جي صورت تي ڌيان ڪندو هوس، پر پوجيہ مهاراج جي جِي انيوي پرويش سان اُهو شانت ٿي ويو.

شروعاتي ساڌڪ نام تہ جپين ٿا، پر مهاپرش جي سروپ جو ڌيان ڪرڻ ۾ هچڪن ٿا. هو پنهنجي مچيل مانيتائن کي پوري طرح ڇڏي نٿا سگهن. هو ڪنهن ٻئي ديوتا جو ڌيان ڪن ٿا، جنهنجي يوگيشور شري ڪرشن روڪ ڪري ڇڏي آهي. هاڻي پوري سمپرڻ سان ڪنهن انيوي مهاپرش جي شرن وٺو. پڪيہ پرشارت سبل ٿيندي ئي ڪُتَرڪِن جو ناس ۽ يٿارٿ ڪِريا ۾ پرويش ملي ويندو. يوگيشور شري ڪرشن جي انوسار جي جپ ۽ پرماتما-سوروپ ستگروءَ جي سوروپ جو لڳاتار سمرڻ ڪرڻ سان من جو نروڌ ۽ وِلين ٿي وڃي ٿو ۽ اُن ڪَن ۾ شرير جي سنبنڌ جو تياڳ ٿي ويندو آهي. فقط مرڻ سان شرير پيڇو نٿو ڇڏي.

अनन्यचेताः सततं यो मां स्मरति नित्यशः।
तस्याहं सुलभः पार्थ नित्ययुक्तस्य योगिनः।।१४।।

”اَنَنيچيتاهہ سَتَتَمِ يو مامِ سِمرَتِ نِتيَشَهہ
تَسياهَمِ سُلَڀَهہ پارٿ نِتيَيُڪتَسيَہ يوگينهہ “ (١٤)

”مون کان سواءِ ٻيو ڪوئي چت ۾ آهي ئي ڪونہ“ ٻئي ڪنهن جو چنتن نہ ڪندي معنيٰ انَنيہ چت سان استر ٿيل جو هميشهہ منهنجو سمرڻ ڪري ٿو، اُن نِتيہ مون ۾ مليل يوگِيءَ

جي لاءِ مان سولو ليندو آهيان. توهانجي سُلڀ ٿيَڻ سان ڇا ملندو؟

मामुपेत्य पुनर्जन्म दु:खालयमशाश्वतम्।
नाप्नुवन्ति महात्मान: संसिद्धिं परमां गता:।।१५।।

”مامُپيتِيَہ پُنر جَنمَ دُکالَيَشاشِوَتَم
ناپرُنتي مهاتمانَھ سَنِسدِمِ پرمامِ گَتاھ ‘‘ (١٥)

مونکي پراپت ڪري دکن جي استان سوروپ ڪڻ ڀنگر پُنرِ جنم کي پراپت نٿا ٿين، بلڪ پرم سِڌي کي پراپت ٿين ٿا مطلب تہ مونکي پراپت ٿين ٿا يا پرم سِڌيءَ کي پراپت ٿيڻ هڪ ئي ڳالهہ آهي. فقط ڀڳوان ئي اهڙو آهي، جنهن کي پائي اُن پرش جو پُنَرِ جنم نٿو ٿئي. پوءِ پُنِرَ جنم جي حد ڪيستائين آهي؟

आब्रह्मभुवनाल्लोका: पुनरावर्तिनोऽर्जुन।
मामुपेत्य तु कौन्तेय पुनर्जन्म न विद्यते।।१६।।

” آبِرَهمَڀُوَ نالِلوڪاھ پَنراوَرتِنورجُنَ
مامُپيتِيَہ توُ ڪؤنتييَہ پُنرِ جَنِمَ نہ وِدِيَتي ‘‘ (١٦)

ارجن! برهما کان وٺي جيت-پتنگ وغيرہ سڀ لوڪ وري جنم وٺڻ وارا آهن، جنم وٺڻ ۽ مرڻ ۽ وري وري ٿو وڃي ان سلسلي ۾ هلڻ وارا آهن، پر ڪؤنتييہ! مونکي پراپت ٿي اُن پرش جو پُنَرِ جنم نٿو ٿئي.

ڌرم گرنٿن ۾ لوڪ لوڪانترن جي پريڪلپنا ايشور پٽ جي وڀوتين جو ٻوڌ ڪرائڻ جي انترڪ انيؤ يا روپڪ ماتر آهن. انترِڪش (آسمان، سرڳ) ۾ نہ تہ اهڙو ڪڏو آهي، جتي جيت ڪاٽيندا هجن ۽ نہ اهڙو محل آهي جنهن کي سرڳ چيو ٿو وڃي. دَئوي سَمِپد سان مليل پرش ديوتا ۽ راڪسي سمپد سان

مليل منش ئي راڪشس ۽ شري ڪرشن جائي سڳا سنبنڌي ڪنس راڪشس ۽ باڻاسُر دئيت هئا. ديو، مانوَ تيئي جوڻيون ئي جدا جدا لوڪ آهن، شري ڪرشن جي انوسار هيءُ جيو آتما مَن سهت پنجن اندرين کي وٺي جنم جنمانترن جي سنسڪارن جي هئڻ ڪري نئون شرير ڌارڻ ڪري وٺندي آهي.

اَمر چوائيندڙ ديوتا به مرڻ ڌرمي آهن. ”ڪشيڻي پُڻيي مَرِتيَلوڪِم وِشَنِتِ“ هن کان وڌو نقصان ڪهڙو آهي؟ اُهو ديو-تن ئي ڪهڙي ڪم جو، جنهن ۾ گڏ ٿيل پڇ به سماپت ٿي وڃن؟ ديو لوڪ، پشوُ لوڪ، ڪيٽ پتنگ وغيره لوڪ ڀوڳ لوڪ ماتر آهن. فقط منش ئي ڪرمن جو رچيتا آهي. جنهن جي دواران هو اُن پرم ڌام کي پراپت ٿي سگهي ٿو، جتان وري اچڻ نٿو ٿئي. يٿارٿ ڪرم جو آچرڻ ڪري منش ديوتا بڻجي وڃي. برهما جي استٿي پراپت ڪري، پر هو پُنَرِ جنم کان تيستائين نٿو بچي سگهي، جيستائين من کي روڪڻ ۽ ولين ٿيڻ سان پرماتما جو ساڪياتڪار ڪري اُن پرمَ پاوَ ۾ استٿ نه ٿي وڃي. اُداهرڻ جي لاءِ اُپنشد به ان سچ جو اُدگهاٽن ڪن ٿا.

यदा सर्वे प्रमुच्यन्ते कामा येऽस्य हृदिस्थिता: ।
अथ मर्त्योऽमृतो भवत्यत्र ब्रह्म समश्नुते ।।
(कठो २/३/१४)

يدا سَروي پرَمُچيَنتي ڪاما ييسيَه هِرِدِسٿتاهه
اَٿَ مِرتيورِ مِرتو ڀوَتيَترَ برَهمِ سَمَشُنتي ”
(ڪٺو اُ ۲۰۱-۳-۱۴)

جڏهن هردي ۾ استٿ سڀ ڪامنائون جڙ کان نشٽ ٿي وينديون آهن، تڏهن مرڻ ڌرم وارو منش امر ٿي ويندو آهي ۽

هتي هن سنسار ۾، هن منش شرير ۾ پر برهم جو ڀلي ڀانتي ساڪيات انڀو ڪري وٺندو آهي.

سوال ٿو اُٿي تہ ڇا برهما بہ مرڻ ڌرم آهي. اڌياءَ ٽئين ۾ تہ يوگيشور شري ڪرشن پرجاپتي برهما جي پرسنگہ ۾ ڇيو هو تہ پراپتيءَ ڪانپوءِ ٻُڌي اوزار ماتر آهي. اُن جي دواران پرماتما ئي ظاهر ٿئي ٿو. اهڙن مهاپرشن جي دواران ئي يگيہ جي سني رچنا ٿي هئي هتي چون ٿا تہ برهما جي استتي پراپت ڪرڻ وارو بہ وري جمڻ وارو آهي. يوگيشور شري ڪرشڻ چوڻ ڇا ٿا چاهين؟

حقيقت ۾ جن مهاپرشن دواران پرماتما ئي ظاهر ٿئي ٿو، اُنهن مهاپرشن جي ٻُڌي بہ برهما نہ آهي، پر لوڪن کي اپديش ڏيڻ جي ڪارڻ، ڪلياڻ جو ڌاڳو وڌائڻ جي ڪارڻ برهما چيو وڃي ٿو. پاڻ ۾ هو برهما بہ نہ آهن. هن وٽ پنهنجي ٻُڌي رهيئي نٿي. پر اُن جي اڳئين ساڌنا ڪال ۾ ٻُڌي ئي برهما آهي ” اهنڪار سِوَ ٻُڌي اَجہ، مَنَ سَسِ چِتَ مهان “ (مانس، ١٦ ١٥ ڪَ)

ساڌارڻ منش جي ٻُڌي برهما نہ آهي. ٻُڌي جڏهن اِشٽ ۾ پرويش ڪرڻ لڳي ٿي تڏهن کان برهما جي رچنا ٿيڻ لڳي ٿي جنهنجا چار ڌاڪٽيون منشن جون چيون آهن. پنيان اڌياءَ ٽئين ۾ ٻڌائي آيا آهن، ياد ڪرڻ لاءِ وري ڏسي سگهو ٿا. برهم وَت، برهم وِدوَر، برهم وِدرِيان، برهم وِدورشٽ، برهم وِدِور اُها ٻڌي آهي، جا برهم وديا ۾ گڏيل هجي، برهم وِدِور اُها آهي. جنهن کي برهم وديا ۾ سريشنتا پراپت هجي، برهم وِدرِيان اُها ٻُڌي آهي، جنهن کي اُن برهم وديئا ۾ هوشياري ئي نہ ورنہ اُنکي هلائيندڙ سنڇالڪ ٻڻجي ٿو وِڃي، برهم وِدِورشٽ ٻُڌيءَ جو اهو آخرين ڇوڙ آهي، جنهن ۾ اِشٽ جي

ڌارا وهي ٿي. ايستائين ٻڌيءَ جي هستي آهي ڇاڪاڻ تہ پرواهت ٿيڻ وارو اشت اڃا ڪٿي الڳہ آهي ۽ گرهڻ ڪرڻ واري ٻُڌي الڳہ آهي. اڃا اها پرڪرتي جي سيما ۾ آهي. هاڻي پاڻ پرڪاش سوروپ ۾ جڏهن ٻُڌي (برهما) رهي ٿي، جاڳرت آهي تہ سمپورڻ پوت (چنتن جي ڌارا) جاڳرت آهي ۽ جڏهن اوديا ۾ رهي ٿي تہ اچيت آهي. هن جي پرڪاش ۽ انڌڪار، رات ۽ ڏينهن ڇئي سمبوڌت ڪيو ويندو آهي ڏسون:

برهما ارٿات برهم وِدويتا جي هيءَ شريڻي (نمبر) جنهن ۾ اشت جي ڌار آهي، ان ڪي پراپت سِروَ اتڪرشت (سڀ کان اُتم ٻُڌي) ۾ بہ وديا (جا سويم پرڪاش سوروپ آهي ان ۾ ملائي ٿي) جو ڏينهن ۽ اوديا جي رات، پرڪاش ۽ انڌڪار جو سلسلو لڳو رهندو آهي، ايستائين ساڌڪ ۾ مايا ڪامياب ٿيندي آهي. پرڪاش ڪال ۾ اچيت پوت سڄاڳہ ٿي وڃي ٿو، ان ڪي منزل ڏيکاري ڏيڻ لڳي ٿي ۽ تيستائين ٻُڌيءَ جي اندر ۾ اوديا جي رات جي پرويش وقت ۾ سپيئي پوت (پدارٿ) اچيت ٿي وڃن ٿا. ٻُڌي نشچو نٿي ڪري سگهي. سوروپ طرف وڌڻ بند ٿي ويندو آهي. اهوئي برهما جو ڏينهن ۽ اهائي برهما جي رات آهي. ڏينهن جي پرڪاش ۾ ٻُڌيءَ جون هزارين پرورتيَن ۾ ايشوريہ پرڪاش ڇانئجي ٿو وڃي ۽ اوديا جي رات انهن هزارن پردن ۾ اچيت اوسٿا جو انڌڪار اڇي ويندو آهي.

شپ ۽ اشپ ، وديا ۽ اوديا -انهن ٻنهي پرورتين جي بلڪل شانت ٿيڻ تي معنيٰ اچيت ۽ سچيت، رات ۾ ولِين ۽ دن ۾ اتپن ٻنهي پرڪارن جي پوتن (سنڪلپ ڌارا) جي مٽجي وڃڻ تي اُن اويڪت ٻُڌيءَ ۾ بہ تمام پري پوتر اويڪت ڀاوُ ملي ٿو، جيڪو وري ڪڏهن نشت نٿو ٿئي. پوتن (سنڪلپن) جي اچيت ۽ سُچيت ٻنهي حالتن جي مٽجڻ تي ئي هو سناتن ڀاوُ

ملي ٿو

ٻُڌي جي مٿي چيل چار اوسٿائن ڪانپوءِ وارو پرش ئي مهاپرش آهي. هنجي اندرئين تهہ ۾ ٻُڌي نہ آهي. ٻڌي پرماتما جي اوزار جهڙي ٿي ويئي آهي پر لوڪن کي هو اُپديش ڪري ٿو، نشچي سان پريرٹا ڏئي ٿو، هاڻي هن ۾ ٻُڌي پرتيت ٿئي ٿي، پر هو ٻُڌيءَ جي سطح کان پري آهي. هيءُ پرم اويڪت ڀاوَ ۾ استٿ آهي، اُنجو پُنَرِ جنم نٿو ٿئي. پر انهي اويڪت (اڻ ظاهر) استٿي کان اڳ جيستائين هن وٽ پنهنجي ٻُڌي آهي، جيستائين هو برهما آهي، هو 'پُنرِ جنم جي نمبر ۾ ئي آهي. انهيءَ سَچن تي پرڪاش وجهندي يوگيشور شري ڪرشن چون ٿا:

सहस्त्रयुगपर्यन्तमहर्यद्ब्रह्मणो विदु:।
रात्रिं युगसहस्त्रान्तां तेऽहोरात्रविदो जना:॥१७॥

''سَهِسَرِ يُگَپَرِ ينِتَمَهَرِيَدِ بِرَهَمَڻو وِدُهہ
راتِرِمِ يَگسهسرانِتا تي هو راتِرَوِدو جناهہ (١٧)

جيڪو هزار چار يگن جي برهما جي رات ۽ هزار چار يگن جي هنجي ڏينهن کي ساکيات ڄاڻن ٿا، اُهي پرش وقت جي تَتوَ کي يٿارٿ ڄاڻن ٿا.

هن ڏنل شلوڪ ۾ ڏينهن ۽ رات وديا ۽ اوديا جا روپڪ (قصا) آهي. برهم وديا سان مليل ٻُڌي برهما جي پرويشڪا ۽ برهم وِدِوِرِشٺ ٻُڌي برهما جو شان آهي. وديا سان مليل ٻُڌي ئي برهما جو ڏينهن آهي. جڏهن وديا ڪاريہ ۾ مڪو هوندي آهي، انتهڪرڻ جون هزارين پرورتين ۾ ايشوري پرڪاش جو ڦهلاءُ ٿي اُٿي ٿو. ان طرح اوديا جي رات اچڻ تي انتهڪرڻ جون هزارين پرورتين ۾ مايا جو جهڳڙو پرواهٽ هوندو آهي. پرڪاش ۽ اندڪار جي اهائي حد آهي. ان ڪانپوءِ نہ تہ اوديا رهي ٿي ۽

نہ وديا ئي رهي ٿي. هو پرم تَتوَ پرماتما ظاهر ٿي وِڃي ٿو. جيڪي انهي تَتوَ کي پلي پرڪار ڄاڻن ٿا، اُهي يوگي جن وقت جي تَتوَ کي ڄاڻڻ وارا آهن تہ ڪڏهن اوديا جي رات هوندي آهي؟ ڪڏهن وديا جو ڏينهن اچي ٿو. ڪال جو پرڀاوَ ڪيستائين آهي يا وقت ڪيستائين پيڇو ڪري ٿو؟

پرارمڀڪ مَنيشي انتهڪرڻ کي چت يا ڪڏهن ڪڏهن فقط ٻُڌي چئي سمبودت ڪندا آهن. وقت گذرڻ بعد انتهڪرڻ جو ويڃاجن، ٻُڌي، چت ۽ اهنڪار جون چار مکيہ ورتين ۾ ڪيو ويو، ائين تہ انتهڪرڻ جون پرورتيون اننت آهن. ٻُڌيءَ جي اندر ئي اوديا جي رات هوندي آهي ۽ اُنهيءَ ٻُڌيءَ ۾ وديا جو ڏينهن بہ ٿيندو آهي. اهيئي برهما جا ڏينهن ۽ رات آهن. جڳت روپي راتريءَ ۾ سڀ اچيت، بيهوش ٿيا پيا آهن. پرڪرتيءَ ۾ وچرڻ ڪندڙ اُنهن جي ٻُڌي اُن پرڪاش سوروپ کي نٿي ڏسي سگهي، پر يوگہ جو وهنوار ڪرڻ وارا يوگي ان سان ڄاڳي پون ٿا، هو سوروپ جي طرف وڌن ٿا جيئن تہ گ وسوامي تلسيداس رام چرت‌مانس ۾ لکيو آهي:-

कबहुँ दिवस महँ निबिड़तम, कबहुँक प्रगट पतंग।
बिनसइ उपजइ ज्ञान जिमि, पाइ कुसंग सुसंग।।
(रामचरितमानस, ४/१५ ख)

”ڪَبَهوُن دِوس مَهن نِبِڙتَمَ، ڪبهوُنڪ پرگٽ پتنگہ
بِنَسَئِہ اُپَجاءِ گيان جِمِ، پاءِ ڪُسنگہ سُسَنگہ

رام چرت مانس ۴-۱۵ کہ

وديا سان مليل ٻُڌي ڪُسنگہ پائي اوديا ۾ پئجي وڃي ٿي، وري سٺي سنگہ سان وديا جو ڦهلاءُ اُن ٻُڌيءَ ۾ ٿي ويندو آهي. هيءُ چڙهڻ لهڻ پوُرتيءَ ٿيڻ تائين لڳو رهندو آهي. پورتيءَ ڪانپوءِ نہ ٻُڌي آهي نہ برهما، نہ رات رهي ٿي نہ ڏينهن. هيءَ

برهما جي ڏينهن رات جو قصو آهي. نہ هزارين سالن جي لمبي رات ٿيندي آهي نہ هزارون چئن يگن جو ڏينهن ٿيندو آهي ۽ نہ ڪتي چئن مُنهَنِ وارو برهما آهي ٻُڌيءَ جي مٿيون چار اوسٿائون ئي برهما جا چار مکہ آهن ۽ انتهڪرڻ جون چار پرورتيون ئي اُنجا چار يگہ آهن. رات ۽ ڏينهن انهن پرورتين ۾ ٿين ٿا. جو پرش هن جي ڀيد جي تَتوَ کي ڄاڻي ٿو. اُهي يوگي جَن ڪال جي ڀيد کي ڄاڻن ٿا تہ ڪال ڪيستائين پيڇو ٿو ڪري ۽ کهڙو پرش ڪال کان بہ اڳيان کان بہ پري ٿي ٿو وڃي؟ رات ۽ ڏينهن، اوديا ۽ وديا ٿيڻ وارا ڪاريہ کي يوگيشور ڪرشن صاف ڪن ٿا:-

अव्यक्ताद्व्यक्तय: सर्वा: प्रभवन्त्यहरागमे।
रात्र्यागमे प्रलीयन्ते तत्रैवाव्यक्तसञ्ज्ञके।।१८।।

”اَويَڪتا دِويَڪتَہ سَرواها پرڀَوَنتِيَهراگمي
راتِريا گمي پرَلييَنتِي تترئيواويَڪتَسَنگيَڪي “ (١٨)

برهما جي ڏينهن جي پرويش ڪال ۾ ارٿات وديا (دَئوي سمپد) جي پرويش ڪال ۾ سمپورڻ پراڻي اويڪت (سمهيل) ٻُڌيءَ مان جاگرت ٿي وڃن ٿا ۽ رات جي پرويش ڪال ۾ اُن اويڪت، ادرشيہ ٻُڌيءَ ۾ جاگرتيءَ جو سوکيم تَتوَ بي جان ٿي وڃن ٿا. اُهي پراڻي اوديا جي راتريءَ ۾ سوروپ کي صاف ڏسي نٿا سگهن، پر اُنهنجو وجود رهي ٿو. جاڳرت ٿيڻ ۽ سمهڻ جو ماڌيم هيءَ ٻُڌي آهي، جو سيني ۾ اويڪت رهي ٿي، ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

भूतग्राम: स एवायं भूत्वा भूत्वा प्रलीयते।

”ڀوُتگرامَہ سَ ايوايَم ڀوُتوِ ڀوُتوِ پرَليِيَتي
راتِريا گميوشَہ پارِٿ پرَ ڀَوَتِيَهراگمي (١٩)

هي پارٿ ! سڀ پراڻي ان طرح جاڳرت تي پرڪرتيءَ کان مجبور ٿي اوديا روپي راتري جي اچڻ تي بيهوش ٿي وڃن ٿا. هو نٿا ڏسي سگهن ته اسانجو لڪشيہ ڇا آهي؟ ڏينهن جي پرويش ڪال ۾ هو وري جاڳرت ٿي وڃن ٿا. جيستائين ٻُڌي آهي، تيستائين هنجي اندر ۾ وديا ۽ اوديا جو سلسلو هلندو رهندو آهي. تيستائين هو ساڌڪ ئي آهي، مهاپرش نہ آهي.

परस्तस्मात्तु भावोऽन्योऽव्यक्तोऽव्यक्तात्सनातनः।
यः स सर्वेषु भूतेषु नश्यत्सु न विनश्यति।।२०।।

” پَرَسِتَسِماتوُ ڀاوونِيو وِيَڪتو وِيَڪتاتِسَناتَنَھ
يہَ سَ سرويشوُ ڀوُتيشوُ نَشِيَتِسوُ نہ وِنَشِيَتي (٢٠)

هڪ ته برهما ارٿات ٻُڌي اويڪت آهي، اندرين سان ڏيکاري نٿي ڏئي ۽ اُن ۾ به پري سناتن اويڪت ڀاوُ آهي، جو ڀوتن کي نشٽ ٿيڻ تي به نشٽ نٿو ٿئي ارٿات وديا جي جاڳڻ ۽ اوديا جي مرڻ، ڏينهن ۾ اُتپن ۽ رات ۾ ولين ڀاوناٸن واري اويڪت برهما جي به مٿجي وڃڻ تي اُهو سناتن اويڪت ڀاوَ ملي ٿو، جو نشٽ نٿو ٿئي. ٻُڌيءَ ۾ ٿيڻ وارا اُڪت اُتار چڙهاءُ جڏهن مٿجي وڃن ٿا تڏهن سناتن اويڪت ڀاوَ ۾ ملي ٿو جو منهنجو پرم ڌام آهي. جڏهن سناتن اويڪت ڀاوَ سان پراپت ٿي ويو ته ٻُڌيءَ به اُن ڀاوَ ۾ رنگجي وڃي ٿي، انهي ڀاوَ کي ڌڙارڻ ڪري ٿي ڇڏي. اها ٻُڌي ڀاڻ ته مٿجي ٿي وڃي ۽ ان جي استان تي سناتن اويڪت ڀاوَ ئي باقي بچي ٿو.

अव्यक्तोऽक्षर इत्युक्तस्तमाहुः परमां गतिम्।
यं प्राप्य न निवर्तन्ते तद्धाम परमं मम।।२१।।

”اوِيَڪتو ڪِشَرَ اِتيُڪتَسِتَماهوُھ پَرَمامِ گَتِمِ ۱
يَمِ پِراپِيہَ نہ نِوَرتَنِتي تَڌامَ پَرَمَمِ مَمَ ۱۱ (٢١)

انهي سناتن اويڪت ڀاوَ کي اڪشر معنيٰ اوناشي چيو وڃي

ٿو. ان کي ئي پرم گت چون ٿا. اُهو ئي مهنجو پرم ڌام آهي، جنهن کي پراپت ٿي منش پنيان نٿو اچي، هنجو پُنر جنم نٿو ٿئي. ان سناتن اويڪت ڀاوَجي پراپتي جو وڌان ٻڌائين ٿا.

पुरुष: स पर: पार्थ भक्त्या लभ्यस्त्वनन्यया।
यस्यान्त: स्थानि भूतानि येन सर्वमिदं ततम्।।२२।।

”پُرُشَهہ سَ پَرَهہ پارٿ ڀَڪتيا لَڀيَسِتوَ نَنيُيا ا
يَسيانِتَهہ سِٿاني ڀوتاني ييِنَ سَرِوَمِدَمِ تَتَمِ ا ا (٢٢)

پارٿ! جنهن پرماتما جي اندر سڀ ڀوت آهن، جنهن سان سپمورڻ جڳت وياپت آهي، سناتن اويڪت ڀاوَ وارو اُهو پرم پرش انيَنيہ ڀڳتيءَ سان پراپت ٿيڻ يوڳيہ آهي. انينيہ ڀڳتيءَ جو مطلب آهي تہ پرماتما کان سواءِ ٻئي ڪنهنجو سمرڻ نہ ڪندي اُن سان جڙي وڃي. انينيہ ڀاوَ سان لڀڻ وارو پرش بہ ڪيستائين پُنر جنم جي حد ۾ آهن ۽ ڪڏهن هو پُنر جنم کي لنگهي ٿا وڃن؟ ان تي يوگيشور چون ٿا-

यत्र काले त्वनावृत्तिमावृत्तिं चैव योगिन:।
प्रयाता यान्ति तं कालं वक्ष्यामि भरतर्षभ।।२३।।

”يَترَڪالي تُوَناوِرتيما وِرِتيمِ چَئيوَ يوگِنَهہ ا
پرَياتايانِتي تَمِ ڪالَمِ وڪشيامِي ڀرتَرِ شَڀ ا ا (٢٣)

هي ارجن! جنهن وقت ۾ شرير تياڳي ويندڙ يوگي جَنَ پُنر جنم کي نٿا پائين ۽ جنهن ڪال ۾ شرير تياڳڻ تي پُنَر جنم پائين ٿا؛ مان هاڻي اُن ڪال جو ورنن ڪريان ٿو:-

अग्निर्ज्योतिरह: शुक्ल: षण्मासा उत्तरायणम्।
तत्र प्रयाता गच्छन्ति ब्रह्म ब्रह्मविदो जना:।।२४।।

”آگِنيجِيور تِرَهہ شُڪلَهہ شڻماسا اُترايَڻَمِ ا
تَترَ پِرَياتا گَڇِنتي بِرَهَمَ بيرَهَموِدو جَناهہ ا (٢٤)

اگني برهم تيج جو نشان آهي. ڏينهن وديا جو پرڪاش آهي. شڪل پکش نرملتا جو ڏيندڙ آهي. وويڪ ويراڳ، شم، دم تيج ۽ پرڳيا هيءُ شبدئيشچريہ. ڇهہ مهنا آهن. وڌندڙ حالت ئي اُترايڻ آهي. پرڪرتي کان بلڪل پري ان اوستا ۾ برهمرويتا يوگي لوڪ برهم کي پراپت ٿين ٿا. اُنهنجو پُنر جنم نٿو ٿئي، پر انينہ چت سان لڳل يوگي جن جيڪڏهن هن آلوڪ کي پراپت نہ ڪري سگهيا، جنجي ساڌنا اڃا پوري ڪونہ ٿي آهي - اُنهجو ڇا ٿيندو آهي؟ان تي چون ٿا:-

धूमो रात्रिस्तथा कृष्ण: षण्मासा दक्षिणायनम्।
तत्र चान्द्रमसं ज्योतिर्योगी प्राप्य निवर्तने।।२५।।

”ڌُومو راتر ستٿا ڪِرشڻَهہ شڻماسا دڪِشڻايَنَمِ।
تَترَ چاندرَ مَسَمِ جيوتيرِ يوگِي پِراپيہ نِوَرتَتي।।(٢٥)

جنهنجي انت ڪال ۾ دونهون ڦهلجي رهيو هجي، يوگہ اگني هجي (اگني يگيہ پرڪريا ۾ پهچي وڃڻ وارو اگنيءَ جو سوروپ آهي، پر دونهين سان ڍڪيل هجي، اوديا جي راتري هجي، انڌيرو هجي، ڪرشڻ پکش جو چندرما کيڻ ٿي رهيو هجي، ڪاراڻ گهٽي هجي، ڇهن وڪارن(ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، مل ۽ مَتسر) سان گڏيل دکشارائڻ ارٿات ٻاهر مکي هجي (جو پرماتما جي پرويش کان هينئر ٻاهر هجي) اُن يوگيءَ کي وري جنم وٺڻو پوي ٿو. تہ ڇا شرير سان گڏ ان يوگيءَ جي ساڌنا نشٽ ٿي وڃي ٿي؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا-

शुक्लकृष्णे गती ह्येते जगत: शाश्वते मते।
एकया यात्यनावृत्तिमन्ययावर्तते पुन:।।२६।।

”شُڪلَڪِرِشڻي گتي هييتي جَڳَتهہَ شاشِوَ تي مَتي
ايڪيايا تِيَنا وِرتيِمَنِيَياوَرِ تَتي پُنهہَ (٢٦)

مٿيون شُڪلَ ۽ ڪرشڻ ٻنهي پرڪارن جون گتيون جڳت ۾ ٻئي شڌ آهن منعيل ساڌن جو ڪڏهن وناش نٿو ٿئي. هڪ (شڪُل) اوسٿا ۾ شرير ڇڏڻ وارو پنيان نہ اچڻ واري پرم گتيءَ کي پراپت ٿئي ٿو ۽ ٻيءَ اوسٿا ۾ ويل پنيان موٽي ٿو، جنم وٺي ٿو. جيستائين پورڻ پرڪاش نٿو ملي، تيستائين اُنکي ڀڄن ڪرڻو آهي. سوال پوروٿيو. هاڻي اُنجي ساڌن تي وري زور ڏين ٿا.

नैते सृती पार्थ जानन्योगी मुह्यति कश्चन।
तस्मात्सर्वेषु कालेषु योगयुक्तो भवार्जुन।।२७।।

”نَئيتي سِرتِي پارٿ جانَنيوگِي مُهيتي ڪَشچَن
تَسما تِسَرِ ويشوُ ڪاليشوُ يوگيُڪتو ڀوارِجُن (۲۷)

هي پارٿ! ان پرڪار انهن گهرجن کي جاڻي ڪو ئي ٻہ يوگي موهت نٿو ٿئي. هو جاڻي ٿو تہ پورڻ پرڪاش پائڻ ڪانپوءِ برهم کي پراپت ٿيندو ۽ ڪِيڻ، جهيٽو پرڪاش رهڻ تي ٻہ ساڌن جو ناس نٿو ٿئي. ٻئي گتيون پوتر آهن. هاڻي ارجن! تون سڀ ڪال ۾ هروقت يوگہ سان ڳنڍجي وڃ منعيل لڳاتار ساڌن ڪر.

वेदेषु यज्ञेषु तपःसु चैव
दानेषु यत्पुण्यफलं प्रदिष्टम्।
अत्येति तत्सर्वमिदं विदित्वा
योगी परं स्थानमुपैति चाद्यम्।।२८।।

”ويديشوُ يَگيشوُ تَپَهسوُ چَئيوَ ا
دانيشوُ يَتِپُڻيَڦَلَم پِرَ دِشٽَم اا
اُتييتي تَتِسَروَمِدم وِدِتوا ا
يوگي پَرَم سٿانمُپَئيتي چادِيَم اا (۲۸)

هن کي ساکياتڪار سان گڏ جاڻي (مڃي نہ) يوگي ويد، يگيہ، تپ ۽ دان جي پڻيہ ڦلن جو ٻنا شڪ اُلنگهن ڪري ٿو

وجي ۽ سناتن پرم پد کي پراپت ٿئي ٿو. اوِدِيا پرماتما جي ساڪيات ڄاڻ جو نالو ويد آهي. هو اڻ ٻڌل تَتوَ جڏهن ڄاتل ٿي ويو، تہ هاڻي ڪير ڪنهن کي ڄاڻي؟ هاڻي ڄاڻ ٿيڻ کان پوءِ ويدن سان بہ پريوجن سماپت ٿي ٿو وڃي، ڄاڪاڻ تہ ڄاڻڻ وارو جدا نہ آهي، يگيہ معنيٰ آراڌنا جي مقرر ڪريا ضروري هئي؛ پر جڏهن اُهو تَتوَ ظاهر ٿي ويو تہ ڪنهن جي لاءِ يڳن ڪريون؟ من سان گڏ اندرين کي لڪشيہ ڏانهن وڌڻ لاءِ تپائڻ ضروري آهي. منزل ملڻ تي پوءِ ڪنهنجي لاءِ تَپُ ڪريون؟ من، وچن ۽ ڪرم سان سڀ ڀاوَ سمرپڻ جو نالو دان آهي. ان سڀ جو پٽيقل آهي پرماتما جي پراپتي. ڦل بہ هاڻي الڳہ نہ آهي هاڻي ان سڀ جي ضرورت ئي نہ رهي. اُهو يوگي تپ، دان وغيره جي ڦلن کي بہ پار ڪري ٿو وڃي. هو پرم پد کي پراپت ٿئي ٿو.

تاتپرج :-

هن اڏياءَ ۾ پنڄن مکيہ نقطن تي ويچار ڪيو ويو. جنهن ۾ سڀ کان پهرين اڏياءَ ستين جي پڇاڙيءَ ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ دواران ٻڄ پوکيل سوالن کي صاف سمجهائڻ جي جڳياسا سان هن اڏياءَ جي شروعات ۾ ارجن ست سوال ڪيا تہ ڀڳوان ! جيکي توهان چيو، اُهو برهم ڇا آهي؟ هوُ اڏياتم ڇا آهي؟ اُهي سمپورڻ ڪرم ڇا آهن؟ اڌِيديو، اڌِيڀوت ۽ اڌِييگيہ ڇا آهي؟ ۽ انت سمي توهين ڪهڙِي طرح ڄاڻڻ ۾ اچو ٿا تہ ڪڏهن وسمرت نٿا ٿيون؟ يوگيشور شري ڪرشڻ ٻڌايو تہ جنهنجو وناش نٿو ٿئي، اُهوئي پربرهم آهي. پنهنجي ئي پراپتي وارو پرم ڀاوَ ئي اڏياتم آهي. جنهن سان جيوُ مايا جي آڌيپَتِيہ مان نڪري آتما جي آڌيپَتِيہَ ۾ اچي وڃي ٿو، اهوئي اڏياتم آهي ۽ ڀوتن جا اُهي ڀاوَ جي شڀ يا اشڀ سنسڪارن

ڪي اتپن ڪن ٿا، اُنهن ڀاوَن جو روڪجي وڃڻ ”وِسَرِ گَهہ“ متجي وڃڻ ئي ڪرم جي سمپورڻتا آهي. هن ڪان اڳي ڪرم ڪرڻ جي ضرورت ئي نٿي رهي. هاڻي ڪرم ڪو اهڙو آهي جا ڪرم جي سنسڪارن جي اُچل ڪي ئي مٽائي ٿي ڇڏي.

ان پرڪار ڪشر ڀاوَ اڌيڀوت آهي ارٿات نشٽ ٿيڻ وارا ئي ڀوتن کي اتپن ڪرڻ جو ماڌيم آهن. اُهي بہ ڀوتن جو آڌار آهن. پرم پرش ئي اڌيدَئيوَ آهي. ان ۾ دَئِوي سمپد مليل هوندي آهي. هن شرير ۾ اَڌِييَگيَہ مان آهيان ارٿات جنهن ۾ يگيہ لِين ٿين ٿا، اُهو مان آهيان، يگيہ جو آڌار آهيان. هو منهنجي سوروپ کي ئي پراپت ٿئي ٿو مطلب تہ شري ڪرشڻ يوگي هئا. اَڌِييگيہ ڪو اهڙو پرش آهي جو هن شرير ۾ ئي رهي ٿو، ٻاهر نہ. ڇهاڙيءَ جو سوال هو تہ انت ڪال ۾ توهين ڪهڙي طرح ڄاڻڻ ۾ اچو ٿا. هنن ٻڌايو تہ جيڪي منهنجو نرنتر سمرڻ ڪن ٿا، مونکان سواءِ ڪنهن ٻيءَ وشيہ وَستوءَ جو چنتن اچڻ ئي نٿا ڏين ۽ ائين ڪندي شرير جو سنبنڌ تياڳي ڇڏين ٿا. هو منهنجو ساڪيات سوروپ کي پراپت ٿين ٿا، جن کي انت ۾ بہ اُتي پراپت رهي ٿو. شرير جي مرتيو سان گڏ هيءَ گيان ٿئي ٿو اهڙي ڳالهہ نہ آهي. مرڻ تي بہ ملي تہ شري ڪرشن پورڻ نہ هوندو، انيڪ جنمن ۾ هلي پائڻ وارو گ ياني اُن جو سوروپ نہ هجي ها. من جو سيني پاسي روڪڻ ۽ رڪاوت ڪان دور من جو بہ وِلَيہ ئي انت ڪال آهي، جتي وري شريرن جي اُتپتي جو ذريعو شانت ٿي وڃي ٿو. اُن وقت هو پرم ڀاوَ ۾ پرويش پائي وڃي ٿو. هنجو پُنَرِ جنم نٿو ٿئي.

ان پراپتي لاءِ هنن سمرڻ جو وڌان ٻڌايو تہ ارجن! نرنتر منهنجو سمرڻ ڪر ۽ يڌ ڪر. ٻئي گڏ ڪيئن ٿي سگهندا؟ (اوچتو) ڪداچت ائين ٿئي تہ ”جئہ گوپال، هي ڪرشڻ چوندا

رهون، لٺ بہ هلائيندا رهون. سمرڻ جو سوروپ صاف ڪيو تہ يوگہ ڌارڻا ۾ استر رهندي، مون ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ وستوءَ جو سمرڻ نہ ڪندي نرنتر لڳاتار سمرڻ ڪَرِ. جڏهن سمرڻ اهڙو سوکيم آهي، تہ يڏ ڪير ڪندو؟ مڇيو ڪٺي، هيءَ ڪتاب ڀڳوان آهي، تہ ان ڪان الڳہ پاسي واري وستو، سامهون ويٺل لوڪ يا ٻي ڏٺل ٻڌل ڪائي وستو سنڪلپ ۾ بہ نہ اچي، ڏيکاري نہ ڏئي. جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ سمرڻ نہ آهي، اهڙي سمرڻ ۾ يڏ ڪيئن؟ حقيقت ۾ جڏهن توهين ان پرڪار نرنتر سمرڻ ۾ پرورت ٿيندا، تہ اُنهيءَ ڪِنَ يڏ جو صحيح سوروپ سامهون ايندو آهي، ڪڙو ٿيندو آهي. اُن وقت ماياوي پرورتي رڪاوٽ جي روپ ۾ ظاهر ٿي آهي. ڪام ڪروڌ، راڳہ دويش ٻئي مضبوط شترو آهن. اهي شترو سمرڻ ڪرڻ نہ ڏيندا. انهن ڪان پار ٿي وڃڻ ئي يڏ آهي. انهن شترن جي مٽجي وڃڻ سان ئي ويڪتي پرم گت کي پراپت ٿئي ٿو.

هن پرم گتيءَ کي پائڻ لاءِ ارجن! تون جَپ تہ ”اوم“ جو ۽ ڌيان منهنجو ڪر ارٿات شري ڪرشن هڪ يوگي هو. نام ۽ روپ آراڌنا جي ڪنجي آهي.

يوگيشور شري ڪرشن ان سوال کي بہ ڪنيو ۽ پُنر جنم ڇا آهي؟ اُن ۾ ڪير ڪير اچن ٿا؟. هنن ٻڌايو تہ برهما ڪان وٺي ڪُل جڳت پُنر وَرتي آهي ۽ انهن سڀني جي سماپت ٿيڻ تي بہ منهنجو پرم اويڪت ڀاوُ ۽ اُن ۾ استٿي سماپت نٿي ٿئي.

هن يوگہ ۾ رُڌل پرش جون بہ گَتيون آهن. جيڪو پورڻ پرڪاش کي پراپت ڇهن آشچريہ سمپن ڪنوارو (برهچاري) آهي، جنهن ۾ ذري ماتر بہ گهٽتائي نہ آهي، اُهو پرم گت کيءَ پراپت ٿئي ٿو. جيڪڏهن اُن يوگہ ڪرتا ۾ ذري بہ گ هٽتائي آهي، ڪرشڻ پکش جي ڪارڻ ڦهليل آهي، اهڙي

اوسٿا ۾ ئي شرير سماپت ٿيڻ واري يوگيءَ کي جنم وٺڻو پوي ٿو. هو رواجي جيوَ وانگر جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو ڦاسي بلڪ جنم وٺي اڳين رهيل باقي سادنا کي پورو ڪري ٿو.

اهڙي طرح ٻئي جنم،، ۾ اُن ڪِريا ۾ هلي هو بہ اُتيئي پهچي ٿو وڃي جنهنجو نالو پرم ڌام آهي. پهرين بہ شري ڪرشڻ چئي آيا آهن تہ هنجو ٿورو بہ سادن جنم مرڻ جي مهان ڀَئہَ کان اُڌار ڪري ئي ڇڏيندو آهي. ٻئي رستا شُڀ آهن شاشوت آهن، نہ مٽجندڙ آهن. ان ڳالهہ کي سمجهي ڪوبہ پرش يوگہ کان ڇلائمان نٿو ٿئي. ارجن! تون يوگي بڻج. يوگي ويد، تپ، يگيہ ۽ دان جي پڙيہ ڦل جو اُلنگهن ڪري وڃي ٿو، پرم گت کي پراپت ٿئي ٿو.

هن اڌياءَ ۾ جڳهہ جڳهہ تي پرم گت جو چترڻ ڪيو ويو آهي جنهن کي اويڪت، اڪشيہ ۽ اڪشر چئي سمبوڌت ڪيو ويو، جنهن جو ڪڏهن ناس يا وناش نٿو ٿئي.

هاڻي : -

اوم تَتِسَدِتي شريمد ڀڳود گيتا سوُ پَنِشتِسوُ برهم وديا يامِ يوگہ شاستري شري ڪرشڻارِجُنَ سمِوادي ’’اڪشربرهميوگو‘‘ ناماشِٽموڌيايَهہ ۱۱۸۱۱

ان پرڪار شريمد ڀڳود گيتا روپي اُپنشد ايوَمِ برهم وديا تٿا يوگشاستري وشيڪ شري ڪرشڻ ۽ ارجن کي سنواد ۾ ’’اڪشربرهم يوگہ‘‘ نامڪ آٺوان اڌيايہ پورڻ هوتا هئہ.

اِتي شريمتپرمهنس پرمانندسيہ شِشيہ سوامي اڙگڙانند ڪِرتي شريمدِ ڀڳوَدِ گيتا ياهہَ ’’يٿارتگيتا‘‘ ياشِيي’’اڪشر برهميوگو‘‘ ناماشٽمو ڌيايهہ ۱۱۸۱۱

۱۱هري اوم تَتِ سَتِ۱۱